هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سُنّتن ڀريو بيان

01-December-2016



## ماهِ ميلاد ملهائڻ جا واقعا

(Sindhi)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَؕ

اَمَّا بَعۡدُ! فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِؕ

# ماهِ ميلاد ملهائڻ جا واقعا

اَلصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلَیۡکَ یَا رَسُوۡلَ اللہ وَعَلٰی اٰلِکَ وَ اَصۡحٰبِکَ یَا حَبِیۡبَ اللہ

اَلصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلَیۡکَ یَا نَبِیَّ اللہ وَعَلٰی اٰلِکَ وَ اَصۡحٰبِکَ یَا نُوۡرَ اللہ

نَـوَیۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِکَاف (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرُودِ پاڪ جي فضيلت

حُضورِ اکرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ بخشش نشان آهي: اللّٰہ عَزَّ وَجَلَّ جي خاطر پاڻ ۾ مَحَبَّت رکڻ وارا جڏهن پاڻ ۾ ملن ۽ مُصافحو ڪن ۽ نبي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي دُرُودِ پاڪ موڪلن تہ انهن جي جُدا ٿيڻ کان پهريان ٻنهي جا اڳيان پويان گُناهہ بخشيا ويندا آهن. (مسند ابي يعلي،٣/٩٥،حديث٢٩٥١)

گرچہ ہیں بے حد قُصور تم ہو عَفُوّ و غَفُور
بخش دو جُرم و خطا تم پہ کروڑوں دُرُود

(حدائقِ بخشش،ص266)

## شعر جو خلاصو:

اي منهنجا ڪريم آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! جيتوڻيڪ منهنجا گناهہ حد کان وڌيڪ آهن، پر پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن تہ تمام وڌيڪ معافي عطا ڪرڻ

وارا ۽ بخشڻ وارا آهيو، منهنجا گناهہ ۽ خطائون بہ معاف ڪري ڇڏيو، الله عَزَّوَجَلَّ توهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪروڙين درود وسلام نازل فرمائي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ.يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻہ مدني گُل:** 1 بنا سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
2 جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجهہ سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏن ڀر ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشادي ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گُهورڻ، جهڻڪڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُواالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

## جشنِ ولادت ملهائڻ وارو خاندان

مَدِيۡنَةُ الۡمُنَوَّرَه ۾ ابراهيم نالي هڪ ديوانو رهندو هو، هميشہ حلال روزي ڪمائيندو هو ۽ پنهنجي آمدني جو اڌ حصو **جشن ولادت** ملهائڻ لاءِ الڳ جمع ڪندو هو، رَبِيعُ الاوّل شريف ايندو هو تہ ڌوم ڌام سان پر شريعت جي دائري ۾ رهي جشن ولادت ملهائيندو هو، الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ايصالِ ثواب لاءِ خوب لنگر ڪندو هو ۽ سنن سنن ڪمن ۾ پنهنجي رقم خرچ ڪندو هو، سندس گهرواري بہ آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وڏي ديواني هئي ۽ انهن ڪمن ۾ پورو سهڪار ڪندي هئي، گهر واريءَ وفات ڪري وئي پر سندس معمولات ۾ فرق نہ آيو، ابراهيم ديواني هڪ ڏينهن پنهنجي نوجوان پٽ کي وصيت ڪئي:پيارا پٽ! اڄ رات منهنجي وفات ٿي ويندي، منهنجي سڄي ملڪيت ۾ پنجاهہ (50) دِرهَم ۽ اوڻويهہ (19) گز ڪپڙو آهي، ڪپڙو ڪفن دفن تي خرچ ڪجانءِ ۽ رهي رقم تہ ان کي بہ ٿي سگهي تہ نيڪ ڪمن ۾ خرچ ڪجانءِ، ان کان پوءِ هن **ڪلمو طيب** پڙهيو ۽ ان جو روح پرواز ڪري ويو.

پٽ وصيت مطابق مرحوم والد کي دفن ڪيو، هاڻي پنجاهہ درهم نيڪ ڪم ۾ خرچ ڪرڻ جي معاملي ۾ ڪيس سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ڇا ڪري؟ انهيءَ فڪر ۾ هڪ رات جڏهن ستو تہ خواب ۾ ڏٺائين تہ قيامت قائم آهي ۽ هر طرف نفسا نفسيءَ جو عالَم آهي، خوشنصيب ماڻهو جنت ڏانهن وڃي رهيا آهن، جڏهن تہ ڏوهارين کي کِهلي کِهلي جهنم ڏانهن هڪليو پئي ويو ۽ هي بينو ڏڪي رهيو هو تہ سندس باري ۾ خبر ناهي ڪهڙو فيصلو ٿئي ٿو، ايتري ۾ غيب مان آواز آيو: هن نوجوان کي جنّت ۾ وڃڻ ڏيو پوءِ هو خوشي خوشي جنت ۾ داخل ٿي ويو ۽ سير ڪرڻ لڳو، ستن ئي جنتن جو سير ڪرڻ کان پوءِ جڏهن انين جنت ڏانهن وڌيو تہ **جنّت جي داروغي** (يعني جنّت جي نگران)

**حضرت رضوان** فرمايو: هن جنت ۾ فقط اهو ئي داخل ٿي سگهي ٿو جنهن **ربيع الاول** جي مهيني ۾ **ولادتِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏينهن ۾ خوشي ملهائي هجي. اهو ٻڌي هي سمجهي ويو ته منهنجا والدين به انهي ۾ هئڻ گهرجن، ايتري ۾ آواز آيو هن نوجوان کي اندر اچڻ ڏيو، هن جا والدين هِن سان ملڻ چاهن ٿا، ان کري هو اندر داخل ٿيو. هن ڏٺو ته سندس والده مرحومه ڪوثر جي نهر جي پرسان ويني آهي، پر ۾ هڪ تخت وڇايل آهي ان تي هڪ مُعَزِز عورت جلوه افروز آهي ۽ ان جي پاسي ۾ ڪرسيون وڇايل آهن جن تي ڪجهه باوقار عورتون تشريف فرما آهن، ان هڪ ملائڪ کان پڇيو: هي عورتون ڪير آهن؟ ان ملائڪ جواب ڏنو:

تخت تي شهزاديءِ ڪونينِ سيِّدتُنا فَاطمه زَهرا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا آهن ۽ ڪُرسين تي سَيدَتُنا خديجةُ الڪبريٰ، عائشه صديقه، سَيدَتُنا مريم، سَيدَتُنا آسيه، سَيدَتُنا ساره، سَيدَتُنا هاجره، سَيدَتُنا رابعه ۽ سيّدتنا زُبيده رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُنَّ آهن. ڪيس تمام گهڻي خوشي ٿي وڌيڪ اڳتي وڌيو ته ڇا ٿو ڏسي ته هڪ تمام وڏو تخت رکيل آهي ۽ ان تي سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجو پيارو پيارو مبارڪ چهرو چمڪائيندي رونق افروز آهن، پاسي ۾ چار ڪرسيون رکيل آهن انهن تي خُلفاءِ راشدين عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان تشريف فرما آهن، ساڄي پاسي کان سون جي ڪرسين تي انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام رونق افروز ۽ کاٻي پاسي شهداءِ ڪرام جلوه افروز آهن، ايتري ۾ سندس والد مرحوم ابراهيم به سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پرسان ئي جُهرمَٽ ۾ نظر آيا، والد صاحب پنهنجي جگر جي ٽُڪرَي (يعني پٽ) کي سيني سان لڳايو، هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سوال ڪيائين: پيارا بابا سائين! توهان کي هي عاليشان رتبو ڪيئن حاصل ٿيو؟ ان جواب ڏنو: اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! **هي جشنِ ولادت ملهائڻ جو صلو آهي**. ان کان پوءِ ان

نوجوان جي اک کلي وئي صبح ٿيندي ئي ان پنهنجو گهر گهٽ قيمت ۾ وڪڻي ڇڏيو ۽ مرحوم والد جي بچيل پنجاهه درهمن ۾ سڄي رقم ملائي ڪاڏي جو اهتمام ڪيائين ۽ عُلَماء ۽ صُلَحاء (يعني نيڪ ۽ پرهيزگار ماڻهن) جي دعوت ڪيائين، سندس دل دنيا کان بيزار ٿي چڪي هئي پوءِ هو مسجد ۾ رهڻ لڳو ۽ پنهنجي زندگيءَ جا باقي ٽيهه سال عبادت ۾گذاري ڇڏيا. وفات کان پوءِ ڪنهن ڪيس خواب ۾ ڏسي پڇيو ڇا گذريو؟ چيائين: **مون کي جشنِ ولادت ملهائڻ جي برڪت سان جنت ۾ پنهنجي والدِ مرحوم وٽ پهچايو ويو آهي.** (صبح بهاراں ،ص۸تا۱۱)

بخش دے مجھ کو الٰہی! بہرِ میلادُالنّبی نامۂ اعمال عِصیاں سے مِرا بھر پور ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جشنِ عيد ميلادُالنبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملهائڻ وارن جو ايمان افروز واقعو توهان ٻڌو، واقعي الله عَزَّوَجَلَّ ميلاد شريف ملهائڻ وارن سان خوش ٿيندو آهي ۽ ان تي پنهنجن انعامن ۽ نوازشن جي بارش به ڪندو آهي. يقيناً ميلاد شريف ملهائڻ، ميلاد جي مهيني ۾ پنهنجن گهرن، گهٽين پاڙن بلڪ پنهنجي گاڏين کي مدني پرچمن، جڳمڳ ڪندڙ ڦُمڦُمن، رنگ برنگي لائٽن سان سجائڻ، ربيع الاوّل جو چنڊ نظر ايندي ئي مسجدن ۾ مُبارڪباد جو اعلان ڪرڻ، هن مبارڪ مهيني جي آمد تي بالخصوص گناهن کان توبه ڪرڻ، سُنّتن ۽ نيڪين تي اِستقامت ماڻڻ لاءِ عظيم مدني نُسخي يعني "مدني انعامات" جي مطابق زندگي گذارڻ جو پڪو اِرادو ڪرڻ، گهٽي گهٽي، ڳوٺ ڳوٺ "**مرحبا يا مُصطفيٰ**" جون ڌومون مچائڻ جي لاءِ اسلامي ڀائرن جو مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ، اجتماعِ مِيلاد ۽ جُلوسِ مِيلاد ۾ مڪتبۃُ

المدينہ جا مدني رسالا ورهائي نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ، ربيع الاوّل جي 12 ڏينهن تائين عَلائقن جي مختلف مسجدن ۾ جشنِ وِلادت جا عظيم الشّان سُنّتن ڀريا اجتماع مُنعقد ڪرڻ، ربيعُ الاوّل جي هفتيوار اجتماع ۽ مدني مذاڪري ۾ مدني پرچم ڪٽي اوّل تا آخر شرڪت ڪرڻ، ٻارهين جي رات ان عظيم رات جي تعظيم جي نيت سان غُسل ڪرڻ، نئون لباس پائڻ، پنهنجي روزمرّه اِستعمال جون نئيون شيون خريدڻ، خَاتَمُ المُرسَلِين، رَحمَةٌ لِّلعَالَمِين، شَفِيعُ المُذنِبِين، اَنِيسُ الغَرِيبِين، سِرَاجُ السَّالِڪين،مَحبُوبُ رَبّ العَالَمِين، جنابِ صَادِقُ و امين، قرارِ هر قَلبِ غمگِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنّت تي عمل ڪندي يومِ ولادت جو روزو رکڻ، ٻارهين رات اِجتماعِ مِيلاد ۾ گذاري صبحِ صادق، هٿن ۾ مدني پرچم ڪٽي، دُرود و سلام جا هار ڪٽي، اشڪبار اکين سان ”صبحِ بهاران“ جو اِستقبال ڪرڻ، بعدِ نمازِ فجر” **سلام ۽ عيدمبارڪ** “ چئي هڪ ٻئي سان گرم جوشي سان مُلاقات ڪرڻ، سڄو ڏينهن عيد جي مُبارڪباد پيش ڪرڻ ۽ عيد مِلندو رهڻ، خوشي جو اظهار ڪرڻ، اجتماعِ مِيلاد ۽ جلوسِ مِيلاد جي عاشقانِ رسول جي لاءِ لنگرِ مِيلاديہ (ڪاڏو ڪارائڻ) جو اهتمام ڪرڻ، جلوسِ مِيلاد ۾ مدني پرچم ڪٽي، باوُضو زبان تي دُرود و سلام ۽ نعتن جا نغمہ سجائي، تعظيمِ نبي سان مٿو جهڪائي ”مرحبا يا مُصطفيٰ“ جا نعرا لڳائڻ ۽ خوب خوب صدقو ۽ خيرات اجر ۽ ثواب جو سبب آهي.

جب تلک یہ چاند تارے جھلملاتے جائیں گے
تب تلک جشنِ وِلادت ہم مناتے جائیں گے

اُن کے عاشق نور کی شمعیں جلاتے جائیں گے
جبکہ حاسد دِل جلاتے سٹپٹاتے جائیں گے

حشر تک جشنِ وِلادت ہم مناتے جائیں گے
مرحبا کی دُھوم یارو! ہم مچاتے جائیں گے

جھوم کر سارے کہو آقا کی آمد مرحبا
حشر میں بھی ہم یہی نعرہ لگاتے جائیں گے

تم کرو جشنِ وِلادت کی خوشی میں روشنی وہ تُمھاری گورِ تِیرہ جگمگاتے جائیں گے
ذِکرِ مِیلادِ مبارک کیسے چھوڑیں ہم بھلا جن کا کھاتے ہیں اُنہیں کے گیت گاتے جائیں گے
(وسائلِ بخشش مرمم، ص416تا418)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيئن تہ الله عَزَّ وَجَلَّ جي رحمت آهن جيڪي نہ صرف هڪ قوم يا ملڪ جي لاءِ ئي نہ بلڪ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام عالمين جي لاءِ رحمت آهن جيئن تہ سيپاري 17 سُورَةُ الْاَنبِياء آيت نمبر 107 ۾ ارشاد آهي:

وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِیْنَ ﴿۱۰۷﴾
(پ 17 الانبياء 107)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ”۽ اسان تو کي نہ موڪليو پر رحمت سموري جهان جي واسطي.“

رحمتِ الٰهي ملڻ تي خُوشي مَلهائڻ جو حڪم تہ الله عَزَّوَجَلَّ خود ارشاد فرمايو آهي، جيئن سيپاري 11 سُوره يونُس جي آيت نمبر 58 ۾ اِرشاد آهي.

قُلْ بِفَضْلِ اللّٰهِ وَ بِرَحْمَتِهٖ فَبِذٰلِكَ فَلْيَفْرَحُوْا ؕ هُوَ خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُوْنَ ﴿۵۸﴾
(پ 11 يونس 48)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ”تون فرماءِ الله جي فضل ۽ سندس رحمت تي جڳائي تہ خوشي ڪن، اهو انهن جي سموري ڌن دولت کان بهتر آهي.“

حڪيم الأُمَّت مُفتي اَحمد يارخان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هن آيت سڳوري تحت اِرشاد فرمائن ٿا: اي مَحبُوب! ماڻهن کي اِها خُوشخبري ڏئي ڪري اهو حڪم بہ ڏيو تہ الله (عَزَّوَجَلَّ) جي فَضل ۽ ان جي رَحمَت مِلڻ تي خُوب خُوشيون ڪيو. عام خُوشي تہ هر وَقت ڪيو ۽ خُصُوصي خُوشي اُنهن تاريخن ۾ جِن ۾ اِها

نِعمَت آئي يعني رَمضَان ۾، خُصُوصاً شَبِ قدر ۽ رَبِيعُ الاَوّل ۾ خُصُوصاً ٻارهين تاريخ جو رَمضَان ۾ الله (عَزَّوَجَلَّ) جو فَضل "قُرآن" آيو ۽ رَبِيعُ الاَوّل ۾ رَحمَةٌ لِّلعَالَمِين، يعني محمدِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پيدا ٿيا. اهو فَضل ۽ رَحمَت يا اُن جي خُوشي ڪرڻ توهان جي دُنيوي جَمع ڪيل مالُ مَتاعَ، رُوپئي، مَڪان، جائيداد، جانور، ٻني ٻاري ٻلڪ اَولاد وغيره سڀ کان بهتر آهي جو ان خُوشي جو نَفعو شخصي ناهي ٻلڪ قومي آهي. وَقتي ناهي ٻلڪ دائِمي آهي. صرف دُنيا ۾ نہ ٻلڪ دِين ۽ دُنيا ٻنهي ۾ آهي. جِسماني ناهي ٻلڪ دِلي ۽ رُوحاني آهي. برباد ناهي ٻلڪ ان تي ثَواب آهي. (تفسيرِ نعيمي ،ج١١،ص٣٦٩)

خُوشیاں مناؤ بھائیو! سرکار آگئے　　سرکار آگئے، شہِ ابرار آگئے
سب جُھوم جُھوم کر کہو سرکار آگئے　　دونوں جہاں کے مالک و مختار آگئے
خُوشیوں کے لمحے آگئے دِیوانے جُھوم اُٹھے　　عیدوں کی عید آگئی سرکار آگئے

سرڪار جي آمد...مرحبا　　سردار جي آمد...مرحبا

آمنہ جي گُل جي آمد...مرحبا　　رسولِ مقبول جي آمد...مرحبا

پياري جي آمد ...مرحبا　　محبوب جي آمد ... مرحبا

سچي جي آمد ...مرحبا　　سهڻي جي آمد ...مرحبا

محبوب جي آمد ...مرحبا　　مُختار جي آمد ...مرحبا

مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ميلاد شريف ملهائڻ قرآني حڪم ۽ نبي پاڪ صَلَّى اللّٰه

تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خُوشنودي جو سبب آهي. هر سال رَبِيعُ الاَوَّل پنهنجي تمام تر عظمتن، رحمتن ۽ برڪتن سان جلوه گر ٿيندو آهي ۽ خوش نصيب عاشقانِ رسول پنهنجي پنهنجي اِستطاعت مُطابق پنهنجن گهرن، دُڪانن، گاڏين، گِهٽين محلّن ۽ شهرن کي مدني پرچمن ۽ رنگ برنگي لائٽن سان سجائي خُوشيءَ جو اظهار ڪندا آهن. جشنِ ولادت ملهائڻ سان گڏوگڏ اسان کي اهو به معلوم هئڻ گهرجي تہ سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هن دُنيا ۾ ڪهڙي وَقت ۽ ڪهڙي ڏينهن تشريف فرما ٿيا ۽ ان ڏينهن تاريخ ڪهڙي هئي؟ اچو ان باري ۾ ٻڌون ٿا.

نور جا پيڪر، سڀني نبين جا سروَر، **سلطان بحر وبر** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سڄي جهان جي لاءِ هادي ۽ رهبر بڻجي، اصحاب فيل واري واقعي جي 55 ڏينهن کان پوءِ 12 ربيع النّور بمطابق 20 اپريل 571ع سومر جي ڏينهن صبح صادق جي وقت اجا تارا آسمان تي چمڪي رهيا هئا، چند جهڙو چهرو چمڪائيندي، ڪٿوري جي خوشبو مهڪائيندي، ختنہ شده (طُهر مبارڪ ٿيل)، ناف بريده (ناڙو مُبارڪ وڍيل)، ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ مهر نبوّت روشن، سُرمگين اکيون، پاڪيزه بدن ٻئي هٿ زمين تي رکندي، سر مبارڪ آسمان ڏانهن ڪٽي دنيا ۾ تشريف ڪٽي آيا. (اَلْمَوَاهِبُ اللَّدُنِّية لِلْقَسْطَلَّانِي ج۱ ص۶۶۔۷۵ وغيره)(ٻڏها پڄاري،ص)

چاند سا چمکاتے چہرہ نور برساتے ہوئے
آ گئے بدرالدجیٰ اَھْلاً وَّ سَھْلًا مرحبا
آمِنہ کے گھر میں آقا کی وِلادت ہو گئی
مرحبا صَلِّ عَلٰی اَھْلاً وَّ سَھْلًا مرحبا

سوئی قِسمت جاگ اُٹھی اور سب کی بگڑی بن گئی
بابِ رحمت وا ہوا اَھْلاً وَّ سَہْلًا مرحبا
(وسائلِ بخشش،مرمم،ص146،147)

حضرت شيخ عبدالحق محدّثِ دهلوي رَحْمَۃُ اللہ تَعَالٰی عَلَیہ فرمائن ٿا تہ مکي وارن جو بہ انهيءَ تي عَمَلدَر آمد آهي تہ اهي 12رَبيعُ الاَوَّل جي ڏينهن ئي ڪاشانہء نُبُوت جي زِيارت جي لاءِ ويندا آهن، اتي ميلاد شريف جون محفلون مُنعقد ڪندا آهن. (مدارج النبوۃ، ۲ /۱۴)

سَحابِ رحمتِ باری ہے بارہویں تاریخ
کرم کا چشمۂ جاری ہے بارہویں تاریخ
ہمیں تو جان سے پیاری ہے بارہویں تاریخ
عَدو کے دِل کو کٹاری ہے بارہویں تاریخ
ہزار عیدہوں ایک ایک لحظہ پر قُرباں
خُوشی دلوں پہ وہ طاری ہے بارہویں تاریخ
ہمیشہ تُونے غلاموں کے دِل کیے ٹھنڈے
جلے جو تجھ سے وہ ناری ہے بارہویں تاریخ
حسنؔ وِلادتِ سرکار سے ہوا روشن
میرے خدا کو بھی پیاری ہے بارہویں تاریخ

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## شبِ قَدر کان بہ افضل رات

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً اها ٻارهين تاريخ وڏي عظمت واري آهي، انهي ٻارهين تاريخ تي ڪفر ۽ شرڪ جون سڄون ظلمتون ختم ٿي ويون، انهيءَ ٻارهين تاريخ تي هر پاسي روشني ئي روشني ٿي وئي، انهيءَ ٻارهين تاريخ تي هر طرف خوشي ڇانئجي وئي، انهيءَ ٻارهين تاريخ جبريلِ امين عَلَيْہِ السَّلَام ڪعبي جي ڇت تي جهنڊو لڳايو، ۽ هي اها ٻارهين تاريخ آهي جيڪا شب ِقدر کان بہ افضل ترين آهي، جيئن

حضرت سيّدنا شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحْمَةُ الله تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: بيشڪ سرورِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت واري رات شب قدر کان بہ افضل آهي، ڇو تہ ولادت واري رات سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن دنيا ۾ جلوه گر ٿيڻ جي رات آهي، جڏهن تہ لَيْلَةُ القدر سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عطا ڪيل رات آهي ۽ جيڪا رات ذاتِ مقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظهور جي ڪري مشرف ٿئي اها رات ان رات کان وڌيڪ شرف ۽ عزت واري آهي جيڪا ملائڪن جي نازل ٿيڻ سبب مشرف آهي. (مَا ثَبَتَ بِا لسُّنّۃص۱۵۳ )

## عيدن جي عيد

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ۱۲ ربيع النور مسلمانن لاءِ عيدن جي بہ عيد آهي، يقيناً حضورِ انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا ۾ بَحر ۽ بَر جا بادشاهه بڻجي جلوه گر نہ ٿيا هجن ها تہ نہ ڪا عيد عيد هجي ها، نہ ڪا رات شب براءَت، بلڪ ڪائنات جي سڄي رونق ۽ شان ان جانِ جهان، رحمت عالميان، سياحِ لامڪان، محبوب رحمٰن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قدمن جي مٽي جو صدقو آهي.

وہ جو نہ تھے تو کچھ نہ تھا وہ جو نہ ہوں تو کچھ نہ ہو

جان ہیں وہ جہان کی جان ہے تو جہان ہے

(حدائق بخشش ص۱۷۸)

♣ سرڪار جي آمد ...مرحبا ♣ سردار جي آمد ...مرحبا ♣ آمنہ جي گل جي آمد ...مرحبا ♣رسولِ مقبول جي آمد ...مرحبا ♣ محبوب جي آمد ... مرحبا ♣پياري جي آمد ...مرحبا ♣ سچي جي آمد ...مرحبا ♣ سهڻي جي آمد ... مرحبا ♣ محبوب جي آمد ...مرحبا ♣ مُختار جي آمد ...مرحبا

مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!          صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وِلادت جو ڏينهن سڀني ڏينهن کان اَفضل ترين ڏينهن آهي. تنهنڪري اسان کي بہ کپي تہ شريعت جي دائري ۾ رهندي خُصوصي اهتمام سان خُوشي خُوشي ان ڏينهن کي ملهايون، اجتماعِ ميلاد مُنعقد ڪيون، هٽن ۾ مدني پرچم ڪٽي، جلوسِ ميلاد ۾ وڃون، ان ڏينهن خُوب صدقو ۽ خيرات جي عادت بڻايون، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جون خوب خوب برڪتون ملنديون. جيئن تہ

حضرت سَيّدنا امام عبدالرّحمن ابنِ جوزي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: جشنِ ولادت تي فرحت ۽ خوشي ڪرڻ واري جي لاءِ اها خوشي، جهنَّم کان رُڪاوٽ بڻجندي. اي اُمَّتِ محبوب! توهان جي لاءِ خوشخبري آهي توهان دنيا ۽ آخرت ۾ خيرِ ڪثير جا حقدار ٿيندا. حضرت سيدنا احمدِ مجتبيٰ، محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو جشنِ ولادت ملهائڻ واري کي برڪت، عزت، ڀلائي ۽ فخر ملندو، موتين وارو عمامو ۽ سبز حُلّو پائي اهو جنت ۾ داخل ٿيندو، بي شُمار مَحلَ ان کي عطا ڪيا ويندا ۽ هر محل ۾ حُور هوندي. نبي خيرُ الأنام صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي خوب دُرُود پڙهو، جشنِ ولادت ملهائي ان کي خُوب عام ڪيو وڃي. (مجموع لطيف النبي في صيغ المولد النبوي القدسي،مولد العروس،ص٢٨١،ملتقطاً)

حافظُ الحديث امام ابُو الخير محمد بن عبدالرَّحمٰن سَخاوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: جشنِ ولادت ملهائڻ واري کي ان عمل جي برڪتن سان عظيم فضل ظاهر ٿئي ٿو. (سبل الهدي و الرشاد ،الباب الثالث عشر في اقوال العلماء۔۔۔الخ، ١/٣٦٢) حضرت سيدُنا امام احمد بن محمد قسطلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: ”وِلادَتِ باسعادت جي ڏينهن ۾ مَحفلِ ميلاد ڪرڻ جي خاصيتن (فوائد) مان اهو اَمر مُجرَّب (يعني

تَجرِبي شُده) آهي جو ان سال اَمن ۾ اَمان رهندو آهي. الله عَزَّوَجَلَّ ان شخص تي رَحمت نازِل فرمائي جنهن وِلادَت واري مهيني جي راتين کي عيد بڻايو.“
(مواهِبُ اللدُنية،المقصد الاول،ذکررضاعه،١/٧٨)

عیدِ میلادُ النّبی تو عید کی بھی عید ہے
بالیقیں ہے عید عیداں عیدِ میلادُ النّبی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جشنِ ولادت ملهائڻ جا مختلف طريقا اپنائڻ سان گڏوگڏ تي سگهي تہ 12 ربيعُ الاول ۾ بالخصوص هر سومر شريف تي روزو رکڻ جي ڪوشش ڪيو، ڇو تہ پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر سومر شريف تي روزو رکي پنهنجو يومِ وِلادت بہ ملهايو آهي، جيئن تہ

## سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجو مِيلاد پاڻ ملهايو!

حضرتِ سَيدُنا ابُوقتاده رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن رَسُول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان سومر جي ڏينهن جو روزو (رکڻ) جي باري ۾ پڇيو ويو تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: انهي ڏينهن مان پيدا ٿيس ۽ انهيءَ ڏينهن مون تي قرآن نازل ڪيو ويو (يعني ان ڏينهن پهرين وحي جو نزول ٿيو). (مشکاۃالمصابيح،کتاب الصوم،باب صيام التطوع ، ١/٥٦٣، حديث ٢٠٤٥)

هڪ ٻي روايت ۾ آهي جنهن ۾ سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي وِلادت جو تذڪرو ڪندي صحابہَ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان کي ارشاد فرمايو: مان هاڻي توهان کي ٻڌائيندس تہ منهنجي اِبتدا ڇا آهي. حضرتِ سَيدُنا ابراهيم عَلَيه السَّلام جي دُعاء حضرتِ سَيدُنا عيسيٰ عَلَيه السَّلام جي بشارت ۽ منهنجي امڙ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْها جو خواب

جيڪو انھن منھنجي ولادت جي وقت ڏٺو ھو، منھنجي پيدائش جي وقت ھڪ نُور منھنجي والِدَہ محترمہ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْھا جي لاءِ ظاھر ٿيو جنھن سان ملڪِ شام جا محل سندن اڳيان روشن ٿي ويا. (ماثَبَتَ بالسنۃ،ذکر شھر ربیع الاول ،ص۱۳۷ )

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## صحابَۂ ڪرام بہ يومِ ميلاد ملھايو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جھڙي طرح اللہ عَزَّوَجَلَّ قرآنِ پاڪ ۾ سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي تشريف آوري جو ذڪر فرمايو، پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڪمالات ڪي بيان فرمايو ۽ پاڻ سرڪارصَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بہ پنھنجي وِلادتِ مُبارَڪ جا تذڪرو ڪيو، اھڙي طرح صحابَۂ ڪرامعَلَيہِمُ الرِّضْوَان بہ پنھنجن پنھنجن محفلن ۾ حُضُورِ اڪرم، شھنشاہ اُمم، محبوبِ ربِّ اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ولادت جا خُوب خُوب چرچا ڪيا. جيئن

حضرتِ سَيدُنا ابُوسعيد رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ کان روايت آھي تہ حضرتِ سَيدُنا مُعاوِيہ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جن فرمايو: ھڪ ڀيري سرڪارِ والا تبار، شھنشاہ ابرار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم صحابَۂ ڪرام عَلَيہِمُ الرِّضوَان جي ھڪ حلقي وٽ تشريف ڪٽي آيا ۽ پڇيائون: توھان ڪي ھتي ڪھڙي شيءِ ويھاريو آھي؟ صحابَۂ ڪرام عَلَيہِمُ الرِّضوَان عرض ڪيو اسان اللہ عَزَّوَجَلَّ جو ذِڪر ڪرڻ لاءِ وينا آھيون، ان جو شڪر ادا ڪري رھيا آھيون جو ان اسان ڪي اسلام جي ھدايت سان نوازيو ۽ اوھان صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ذريعي اسان تي وڏو احسان فرمايو، تہ سندن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اللہ عَزَّوَجَلَّ جو قسم! ڇا توھان ڪي صرف ان شيءِ اتي ويھاريو آھي؟ عرض ڪيائون: اللہ عَزَّ وَجَلَّ جو قسم! اسان ڪي ان کان سواءَ ڪنھن بي شيءِ ناھي ويھاريو، تہ پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مون وٽ جبرائيل عَلَيہِ السَّلام آيو

۽ انھن مون کي ٻڌايو تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ توھان جي ڪري ملائڪن تي فخر ڪري رهيو آھي. (نسائي،ص۸۶۱، حديث : ۵۴۳۶)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حديث شريف ڪان پوءِ حکيمُ الاُمَّت مُفتي احمد يار خان رَحْمَةُ الله تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: معلوم ٿيو تہ اسلام ۾ حضورِ انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تشريف آوري جي شڪريي جي لاءِ مجلسون ڪرڻ، حلقو ٻڌائي ويھڻ سُنَّتِ صحابہ آھي، اھا حديث مجلسِ ميلاد شريف جي اصل آھي. (مرآة، ۳۲۱/۳) ياد رهي تہ اهلسنَّت جي مذهب ۾ مجلسِ ميلادِ پاڪ افضل ترين مُستحبات ۽ اعليٰ ترين مُستَحسَنات (نيڪ ڪمن) مان آھي. (الحق المبين ۱۰۰)

صَدرُ الشَّريعَہ، بَدرُ الطَّريقَہ حضرت عَلّامہ مولانا مُفتي محمد اَمجَد علي اَعظمي رَحْمَةُ الله تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: مِيلاد شَرِيف يعني حُضُورِ اَقدَس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وِلادَتِ اَقدَس جو بَيان جائز آھي. ان ضِمن ۾ ان مَجلِس پاڪ ۾ حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا فضَائِل ۽ مُعجزا، خَصلتون ۽ حالات، حَيات ۽ رَضاعَت ۽ بِعثَت جا واقِعا بہ بَيان ٿيندا آھن، انھن شين جو ذِڪر حديثن ۾ بہ آھي ۽ قُرآن مجيد ۾ بہ. جيڪڏھن مُسلمان پنھنجي مَحفِلن ۾ بَيان ڪن بلڪ خاص انھن ڳالھين کي بيان ڪرڻ جي لاءِ مَحفِل مُنعَقِد ڪن تہ ان جي ناجائز ھئڻ جو ڪو سبب ناھي. ان مَجلِس جي لاءِ ماڻھن کي سڏڻ ۽ شَريڪ ڪرڻ خَير جي طَرف سڏڻ آھي، جھڙي طرح وَعظ ۽ جَلسن جا اِعلان ڪيا ويندا آھن، اِشتِھار ڇپائي ورھايا ويندا آھن، اَخبَارن ۾ ان جي باري ۾ مضمون شائِع ڪيا ويندا آھن ۽ ان جي ڪري اھي وَعظ ۽ جَلسا ناجائز نٿا ٿين، اھڙي طَرح ذِڪرِ پاڪ جي لاءِ دعوت ڏيڻ سان ان مَجلِس کي ناجائز ۽ بِدعَت نٿو چئجي سگھي.

(بھار شريعت جلد سوم ص۶۴۴ـ ۶۴۵)

ربیعِ پاک تجھ پر اہلسنّت کیوں نہ قرباں ہوں
کہ تیری بارھویں تاریخ وہ جانِ قمر آیا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مَعلُوم ٿيو تہ اجتماعِ مِيلاد ۾ حُضُورِ پُرنُور، شافِعِ يومُ النُّشُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وِلادَتِ پاڪ، رَضاعَتِ مُبارَڪ ۽ نندپڻ شريف جا واقِعا بيان ڪرڻ، ان جي لاءِ اجتماعِ ذڪرونعت مُنعَقِد ڪرڻ، ان ۾ ٿيڻ وارن بَيانن جي لاءِ ماڻهن کي گڏ ڪرڻ، وِلادَتِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خُوشي ۾ ماڻهن کي کاڌو کارائڻ جائز آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مسلمان ان مبارڪ مهيني ۾ جَشنِ وِلادت جي خُوشي ملهائن ٿا، مسجِدن، گهرن، دُڪانن ۽ سُوارين تي ۽ پنهنجي پاڙي ۾ بہ مدني پرچم لڳائيندا آهن، خُوب چَراغان ڪن ٿا. ربيعُ الاوّل شريف جي ٻارهين رات حُصُولِ ثواب جي نيت سان اجتِماعِ ذِڪر و نعت ۾ شرڪت ڪن ٿا، صُبحِ صادِق جي وَقت مدني پرچم کڻي دُرُود و سلام پڙهندي اَشڪبار اکين سان صُبحِ بهاران جو اِستِقبال ڪندا آهن، 12 ربيعُ الاول شريف جي ڏينهن روزو رکي جُلوسِ ميلاد ۾ شريڪ ٿين ٿا. ميلاد شريف ملهائڻ وارن اهڙن عاشقانِ رسول کان تہ پيارا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خُوش ٿين ٿا، جيئن تہ

## اسان بہ ان سان خوش ٿيون ٿا

هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا تہ " اَلْحَمْدُ لِلّٰه مون کي خواب ۾ تاجدار رسالت شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ٿي تہ مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا توهان کي مسلمانن جو هر سال توهان جي

ولادت مبارڪ جون خوشيون ملهائڻ پسند ايندو آهي؟ ارشاد فرمايائون: جيڪو اسان کان خوش ٿيندو آهي اسان بہ ان کان خوش ٿيندا آهيون.

(تذكرةُ الواعظِين، ص٦٠٠)

خدا کی رِضا چاہتے ہیں دو عالم

خدا چاہتا ہے رِضائے محمد

شعر جي وضاحت: ٻئي جهان خُدا عَزَّوَجَلَّ جي رِضا ۽ خوشنودي جا طلبگار آهن ۽ خُدا عَزَّوَجَلَّ پنهنجي مَحبُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا چاهي ٿو. روزِ محشر ربّ عَزَّوَجَلَّ اوّلين ۽ آخرين کي گڏ ڪري حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندو: ”كُلُّهُمْ يَطْلُبُوْنَ رِضَائِىْ وَاَنَا اَطْلُبُ رِضَاكَ يامُحَمَّدْ“ هي سڀئي منهنجي رضا چاهن ٿا ۽ اي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان توهان جي رضا چاهيان ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جشنِ ولادت ملهائڻ جو ثواب

حضرتِ سَيدُنا شيخ عبدُالحقّ مُحَدِّث دِهلوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت جي رات خوشي ملهائڻ وارن جي جزا هي آهي تہ الله تعاليٰ انهن کي فضل ۽ ڪرم سان جَنّٰتُ النَّعِيم ۾ داخل فرمائيندو، مسلمان هميشہ کان محفلِ ميلاد منعقد ڪندا آيا آهن ۽ ولادت جي خوشيءَ ۾ دعوت ڏيندا، کاڌا پچائيندا ۽ خوب صدقا ۽ خيراتون ڏيندا آيا آهن خوب خوشيءَ جو اظهار ڪندا آهن ۽ دل کولي خرچ ڪندا آهن ۽ سرڪارمدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادتِ با سعادت جي ذڪر جو اهتمام ڪندا آهن ۽ پنهنجن گهرن کي سينگاريندا آهن ۽ انهن تمام سنن ڪمن جي برڪت سان انهن ماڻهن تي الله تعاليٰ جي رحمتن جو نزول ٿيندو آهي. (مَا ثَبَتَ با السُّنَّة، ص ١٥٥ ملتقطًا)

♣ سرڪار جي آمد ...مرحبا ♣ سردار جي آمد ...مرحبا ♣ آمنہ جي گل جي آمد ...مرحبا ♣ رسولِ مقبول جي آمد ...مرحبا ♣ محبوب جي آمد ...مرحبا ♣ پياري جي آمد ...مرحبا ♣ سچي جي آمد ...مرحبا ♣سھڻي جي آمد ...مرحبا ♣ محبوب جي آمد ...مرحبا ♣ مُختار جي آمد ...مرحبا

مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اچو! ھاڻي ربيعُ الاول جي مھيني ۾ ميلاد ملھائڻ وارن عاشقان رسول جا نرالا انداز بہ ڏسو جو ماڻھو پنھنجي عشق ۽ مَحَبَّت جي جذبي ۾ سرشار ٿي ڪيئن اھتمام سان ان ميلاد جي مھيني کي ملھائيندا آيا آھن، جيئن

## بادشاھ جو شوقِ مِيلاد

اربل جو بادشاھ ابُو سعيد مظفر رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیه ھر سال ربيعُ الاول ۾ ميلاد شريف وڏي اھتمام سان ڪندو ھو، تمام وڏي محفل جو اِنعقاد ڪندو ھو. انھن محفلن ۾ شرڪت ڪرڻ واري جو بيان آھي تہ ان محفلِ ميلاد ۾ پُڳل ٻڪرين جون پنج ھزار منديون ڏنيون، 10 ھزار مرغيون، ڪيرڻي جا ھڪ لک پيالا ۽ حلوي جا 30 ھزار طشت ڏٺا. تمام گھڻا عُلماء ۽ صُوفيا محفلِ ميلاد ۾ شرڪت ڪندا ھا، بادشاھ (ابُو سعيد مظفر رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیه) انھن کي قيمتي لباس پارائيندو ھو، انعامن سان نوازيندو ھو، اھي ھر سال محفلِ ميلاد تي ٽي (3) لک دِينار خرچ ڪندا ھا، مھمانن جي لاءِ مھمان خانو ھوندو ھو، اھو ھر سال ان گھر ۾ سالانو ھڪ لک دِينار خرچ ڪندو ھو، ٽيھہ (30) ھزار دِينار خرچ ڪري حَرَمَين شَرِيفَين جا رستا دُرُست ڪرائِندو، اھي صدقا انھن صدقن کان

علاوه ها، جنهن کي پوشيده طور تي کيو ويندو هو. (سبل الهدي والرشاد،ج۱،ص۳۶۲،بتغير قليل )

## مَكةُ المُكرَّمَة ۾ محفلِ ميلاد جو انعقاد

شيخُ الحديث حضرتِ علامہ عبد المصطفٰي اعظمي رَحْمَةُ الله تَعَالٰي عَلَيه پنهنجي تصنيف "سيرتِ مصطفٰی" جي صفحي نمبر 72 تي لکن ٿا تہ جنهن مُقدَّس مکان ۾ حُضُورِ اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت ٿي، تاريخِ اسلام ۾ ان مَقام جو نالو "مَوْلِدُ النَّبی صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم" (نبي جي پيدائش جي جڳهہ) آهي، اهو نهايت ئي بابرکت مقام آهي. مسلمان حکمرانن ۽ ميلاد جون محفلون سجائڻ وارن بادشاهن ان مُبارَڪ يادگار تي نهايت ئي شاندار عمارت ناهي هئي، جتي حرمينِ شريفين وارا ۽ تمام دنيا کان ايندڙ مسلمان ڏينهن رات محفلِ ميلاد شريف منعقد ڪندا ها ۽ خُوب صلوٰة و سلام پڙهي ان جو نذرانو سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ پيش ڪندا رهندا ها. جيئن

## ملائڪن جا انوار

مشهور محدِّث حضرتِ سَيدُنا شاھ وَلِي الله محدثِ دهلوي رَحْمَةُ الله تَعَالٰي عَلَيه پنهنجي ڪتاب "فيوضُ الحرمين" ۾ تحرير فرمايو آهي تہ مان هڪ ڀيرو ان محفلِ ميلاد ۾ حاضر ٿيس، جيڪا مکي شريف ۾ ربيعُ الاَوَّل جي ٻارهين تاريخ تي مولدُ النبي (يعني سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت گاھ) ۾ منعقد ٿي هئي، جنهن وقت ولادت جو ذکر پڙهيو پئي ويو تہ مون ڏٺو تہ اوچتو ان مجلس مان ڪجهہ انوار بُلند ٿيا، مون ان نور تي غور ڪيو تہ معلوم ٿيو تہ اُهي رحمتِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ ۽ انهن ملائڪن جا انوار ها جيڪي اهڙين محفلن ۾ حاضر ٿيندا آهن. (سيرتِ مصطفي ،ص ۷۲-۷۳)

نُوری محفل پہ چادر تنی نُور کی
نُور پھیلا ہوا آج کی رات ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مَدَني تَربِيت گاهن جو تعارُف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغِ قرآن ۽ سُنَّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ ڪم و بيش 103 شُعبن ۾ مدني ڪم ڪري رهي آهي، ان مان هڪ شُعبو ”مدني تربيت گاهہ“ بہ آهي. جنهن ۾ عاشقانِ رَسُول مختلف مُلڪن، شهرن ۽ ڳوٺن مان اچڻ وارن اسلامي ڀائرن جي مدني تربيت ڪن ٿا. پوءِ اهي اسلامي ڀائر علمِ دين سکي ۽ سُنَّتن جي تربيت حاصل ڪري پنهنجن علائقن ۾ وڃي ''نيڪي جي دعوت'' جا مدني گل پهچائن ٿا. تنهنڪري اسان کي بہ وَقتاً فوقتاً سُنَّتن جي تربيت حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مَدَني تَربِيت گاهن تي حاضر ٿيڻ گهرجي ۽ جيڪو سگهون ان کي ٻين تائين بہ پهچائڻ جي سَعادَت حاصل ڪرڻ گهرجي. ۽ جيڪي اسلامي ڀائر يڪمشت (يعني هڪ وقت) گهٽ ڏينهن جي لاءِ مدني قافلن ۾ سفر جي سعادت حاصل نٿا ڪري سگهن انهن تي انفرادي ڪوشش ڪري انهن کي بہ وقتاً فوقتاً ڪجهہ وقت جي لاءِ مدني تربيت گاهن ۾ موڪليندا رهو، ان جي برڪت سان بہ ڪيئي عاشقانِ رسول دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان عملي طور تي وابستہ ٿي مدني ڪمن جون ڌومون مچائڻ وارا بڻجي ويندا. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مَدِيْنَةُ الْمُنَوَّرَه ۾ روزانو محفلِ ميلاد

شيخ طريقت،امير ِاهلسُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا تہ (منهنجي پير ومرشد) حضرتِ سَيدُنا قطبِ مدينہ (مولانا ضياء الدين احمد مدني قادري) رَحْمَةُ الله تَعَالٰي عَلَيه کي تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان جُنون جي حد تائين عشق هو بلڪ اهو چوڻ بي جا نہ ٿيندو تہ پاڻ رَحْمَةُ الله تَعَالٰي عَلَيه فَنَا فِي الرَّسُول جي منصب تي فائز ها. ڏينهن رات ذِڪرِ رسول ڪرڻ ئي سندن مَشغَلو هو. اڪثر (روضَي مبارڪ جي) زيارت جي لاءِ اچڻ وارن ماڻهن کان پڇندا ها تہ اوهان نعت شريف پڙهندا آهيو؟ جيڪڏهن اهو ها ڪندو هو تہ ان کان نعت شريف ٻڌندا ها ۽ گهڻو خوش ٿيندا ها، اڪثر ڪري اکين مان ڳوڙها نڪري پوندا ها ۽ روزانو رات جو آستانہٴ عاليہ تي محفلِ مِيلاد ڪندا ها. جنهن ۾ مَدَني، تُرڪي، پاڪستاني، هندي، شامي، مصري، افريقي، سوڊاني ۽ سڄي دُنيا مان ايندڙ زائرين شرڪت ڪندا ها. اميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلّ مون کي بہ ڪيئي ڀيرا ان مُقدس محفِل ۾ نعت شريف پڙهڻ جو شَرَف حاصِل ٿيو آهي ۽ مون حضرتِ سَيدُنا قطبِ مدينہ رَحْمَةُ الله تَعَالٰي عَلَيه جي محفِل ۾ هڪ خاص ڳالهہ اها ڏٺي تہ حُضور، اختِتام تي (عاجزي ڪندي) دُعا نہ ڪندا ها بلڪ ڪنهن نہ ڪنهن محفِل ۾ شريڪ ٿيندڙ کي دُعا جو حڪم ڪندا ها. دُعا کان پوءِ روزانو لازِمي لنگر شريف بہ ٿيندو هو. (شرح شجريه قادريه رضويه عطاريه،ص۱۳۱-۱۳۲)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ مسلمان چاهي مڪي شريف جا هجن يا مديني پاڪ يا ڪنهن بي ملڪ کان تعلُّق رکندا هجن، انهن جي دل ۾ ايمان جي علامت يعني پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مَحَبَّت هوندي آهي ۽ اهي مدني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان مَحَبَّت جي اظهار جي لاءِ اجتماعِ ميلاد منعقد

ڪندا رهندا آهن ۽ آئنده بہ ڪندا رهندا. پر اسان کي اجتماعِ ميلاد جي آداب کي بہ ملحوظ رکڻ گهرجي، جڏهن بہ اجتماعِ ميلاد ۾ شرڪت جي سعادت نصيب ٿئي تہ پهريان چڱي طرح غسل ڪري وٺو، صاف سترو لباس پايو ۽ ٿي سگهي تہ سني خوشبو بہ لڳائي وٺو، پوءِ اجتماع گاھ ۾ پهچي جتي جڳھ ملي اتي ويهي نگاهون جهڪائي، خاموشي سان نهايت ادب واحترام سان ٻڌو ۽ اجتماعِ ميلاد جي اختتام تي سرڪار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذِڪر جي تعظيم جي نيت سان بيهي ڪري صلوٰة وسلام بہ پڙهو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جون تمام گهڻيون برڪتون نصيب ٿينديون.

عالمِ حجاز حضرت شيخ سيد علوي بن عباس مالڪي مڪيرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه پنهنجي والدِ محترم حضرت سيد عباس مالڪي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه کان هڪ اهڙي شخص جو واقعو نقل ڪن ٿا جيڪو سڄي محفلِ ميلاد ويهي ٻڌندو هو، سندن والد فرمائن ٿا: آئون بيتُ المقدس ۾ ٻارهين شريف جي رات محفلِ ميلاد ۾ شريڪ هئس، مون ڏٺو تہ هڪ پوڙهو شخص آغاز کان وٺي اختتام تائين انتهائي ادب ۽ احترام سان ويهي محفلِ ميلاد ۾ شريڪ هو، جڏهن ڪنهن سڄي محفل ويهي ٻڌڻ جو سبب پڇيا ڪيو تہ ان ٻڌايو تہ آئون نبي ڪريم رؤف رحيم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪرِ خير ٻڌڻ وقت تعظيماً بيهڻ کي سٺو نہ سمجهندو هئس. هڪ ڏينهن خواب ۾ ڏٺو تہ هو هڪ تمام وڏي اجتماع ۾ شريڪ آهي ۽ ماڻهو نبي ڪريم رؤف رَّحيم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو استقبال ڪرڻ جي لاءِ بيٺا آهن، جڏهن نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آمد ٿي تہ تمام ماڻهن اِنتهائي ادب ۽ اِحترام سان حُضُور جو استقبال ڪيو، پر هو سندن تعظيم ۾ بيٺو نہ هو، نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي فرمايو: "**تون هاڻي ويهي نہ سگهندين**" جڏهن ان جي اک کلي تہ ان ڏٺو تہ اهو اڃا بہ ويٺل آهي. ان

پريشاني ۾ ھڪ سال گُذري ويو پر اھو بيھي نہ سگھيو، آخرڪار ان اھا باس باسي تہ جيڪڏھن اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ مونکي ان مرض مان شفاياب فرمايو تہ مان محفلِ ميلاد شُروع ڪان آخر تائين بيھي ٻڌندس. ان باس جي برڪت سان اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ان کي صحت عطا فرمائي، ھاڻي ان جو اھو معمول ٿي ويو تہ ھو سرڪار صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي تعظيم ۾ سڄي محفل بيھي ٻڌندو آھي.

(الاعلام بفتاوي ائمة الاسلام حول مولده عليه السلام ص ۹۴)

تِرا نام لے کر جو مانگے وہ پائے
تیرا نام لیوا ہے پیارا خدا کا
تِرے رُتبہ میں جس نے چون وچرا کی
نہ سمجھا وہ بد بخت رُتبہ خدا کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## رسالو ”صبحِ بھاران“ جو تَعارُف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پنھنجي دل ۾ جشنِ عيد مِيلادُ النبي صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مَحَبَّت وڌائڻ جي لاءِ شيخِ طريقت، اميرِ اھلسنّت حضرت علامہ مولانا ابُو بلال محمد الياس عطارقادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو ”صُبحِ بھاران“ نالي رسالو حاصل ڪري پاڻ بہ مُطالَعو ڪيو ۽ ٻين کان وڌ ورھايو. اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ ھن رسالي ۾ مِيلاد مَلھائڻ جا دليل قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ بيان ڪيا ويا آھن ۽ ھن رسالي ۾ رَبِيعُ الاَوَّل جي مھيني ۾ جلوسِ مِيلاد ڪڍڻ ۽ ان ۾ شرڪت ڪرڻ جو طريقو ۽ مَحفلِ مِيلاد مُنعقد ڪرڻ جون سنيون سنيون نيتون ۽ ان جي علاوہ ڪوڙ سارا مدني گل بہ بيان ڪيا ويا آھن. ۽ ان سان گڏوگڏ ھن رِسالي ۾ جشنِ ولادتِ رسول صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي

سلسلي ۾ دعوتِ اسلامي جي تحت ٿيڻ واري اجتماعِ مِيلاد ۾ شرڪت ڪرڻ وارن عاشقانِ رسول صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون مدني بهارون بہ موجود آهن. (هن رسالي جو سنڌي ۽ دنيا جي مختلف زبانن ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي) تنهنڪري اڄ ئي هن رسالي کي مکتبة المدينہ تان هَدِيو ڏئي طلب ڪيو، پاڻ بہ ان جو مُطالعو ڪيو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن رِسالي کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ميلادِ مصطفٰي جي برڪتن کان مالا مال ٿيڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي زيرِ اِهتمام پاڪستان سميت ٻين ڪيئي ملڪن ۾ مختلف هنڌن تي هر سال عيدِ ميلادُالنبي صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم شاندار طريقي سان ملهايو ويندو آهي. ربيعُ الاوّل جي ٻارهين رات تي عظيم الشّان اجتماعِ ميلاد جو اِنعقاد ٿيندو آهي، "صبحِ بهاران" ۾ پُرنور سُهاني گهڙين جو وڏي ادب ۽ اِحترام ۽ نهايت ئي عقيدت سان هٿ ٻَڌي اِستقبال ڪيو ويندو آهي ۽ عيد جي ڏينهن (12ربيع الاوّل) "مرحبا يا مُصطفٰي" جون ڌومون مچائيندي بي شُمار جُلوسِ ميلاد ڪڍيا ويندا آهن، جنهن ۾ لکين عاشقانِ رسول شريڪ ٿيندا آهن.

عیدِ میلادُ النّبی تو عید کی بھی عید ہے
بالیقیں ہے عیدِ عیداں عیدِ میلاد النّبی

## هفتيوار مدني ڪم

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جو مُشڪبار مدني ماحول سنّي صُحبت

فَراهم ڪري ٿو، ان جي برڪت سان لکين ماڻهو گُناهن ڀري زِندگي کان توبہ ڪري نيڪين ڀري زِندگي گُذاري رهيا آهن. اوهان بہ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي نيڪي جي دعوت جون ڌومون مَچايو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن ۾ حصّو وٺو. ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن مان هفتيوار هڪ مَدَني ڪم **مَدَني مذاڪري** ۾ اَوّل تا آخر شرڪت بہ آهي. مَدَني مذاڪري جي تہ ڇا ڳالهہ ڪجي ان ۾ شيخِ طريقت ،اميرِ اَهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کان ڇيل مُختلف سُوالن جا دِلچسپ جواب ٻڌڻ جي صُورت ۾ عِلمِ دِين حاصل ٿيندو آهي ۽ علمِ دين جي فضيلت ۾ اچي ٿو تہ حضرت سَيِدُنا ابُوذَرغِفاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه فرمائن ٿا: حضور پُرنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي ارشاد فرمايو: اي ابوذر! (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه) توهان جو ان حال ۾ صُبح ڪرڻ جو توهان اللهُ عَزَّوَجَلَّ جي ڪتاب مان هڪ آيت سکي هجي، اهو توهان جي لاءِ 100 رڪعتون نفل پڙهڻ کان بهتر آهي ۽ توهان جو ان حال ۾ صبح ڪرڻ جو توهان علم جو هڪ باب سکيو هجي جنهن تي عمل ڪيو ويو هجي يا نہ ڪيو ويو هجي، تہ اهو توهان جي لاءِ 1000 رڪعت نفل پڙهڻ کان بهتر آهي. (ابن ماجه، كتاب السنة، ج١، ص١۴٢، حديث٢١٩) اوهان بہ هر هفتي مَدَني مُذاڪري ۾ اَوَّل تا آخر شرڪت ڪي يقيني بڻايو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ مدني مُذاڪري ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪيو،

اِنْ شَــآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ خُوب خُوب برڪتون حاصل ٿينديون. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪيئي اسلامي ڀائر مدني مُذاڪري جي برڪت سان پنهنجي گُناهن ڀري زِندگي کان توبہ ڪري چڪا آهن. اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا، جيئن

## مون گُناهن کان توبہ ڪري ورتي

واه ڪينٽ (پنجاب،پاڪستان) جي اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ ڪافي نوجوانن وانگر مان بہ ڪافي اَخلاقي بُرائين ۾ مبُتلا هئس. فلمون

ڊراما ڏسڻ، راند روند ۾ وَقت برباد ڪرڻ منھنجو محبوب مَشغَلو ھو. گھر ۾ مدني چينل ھلڻ جي برڪت سان مدني مُذاڪرو ڏسڻ جي سَعادت نصيب ٿي، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اڳوڻن سيني گُناھن کان توبہ ڪري فرض ۽ واجب جو عامِل بڻجڻ جي لاءِ ڪوشش ڪري رھيو آھيان، چھري تي ھڪ مٺ ڏاڙھي شريف سجائي ورتي ۽ مدني حُليو بہ اَپنائي ورتو آھي،

الله عَزَّوَجَلَّ جو وڏيڪ ڪرم ھي ٿيو جو والِدَين خوشي سان مون کي ”وقفِ مدينہ“ ڪري ڇڏيو آھي. (جيڪو خوش نصيب اسلامي ڀاءُ پنھنجو سمورو وقت مدني ڪمن جي لاءِ وقف ڪري ڇڏي، ان کي دعوتِ اسلامي جي اِصطلاح ۾ ”وقفِ مدينہ“ چيو ويندو آھي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جشنِ وِلادت جي باري ۾ مڪتوبِ عطّار

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ھر اَھم ڪم جا ڪجھ ضروري آداب ھوندا آھن، جَشنِ عيد ميلادُ النَّبي مَلھائڻ جي آداب مان ھي آھي تہ تَمام غير شَرعي ڪمن کان پاسو ڪيو وڃي، مثال طور گھٽي يا روڊ وغيره تي اھڙي طرح سَجاوٽ ڪرڻ جو جنھن سان گاڏين وارن ۽ پيدل ھلڻ وارن کي تڪليف جو منھن ڏيڻو پوي، ناجائز آھي. چَراغان ڏسڻ جي لاءِ عورتن جو اَجنبي مَردن جي وچ ۾ بي پرده نڪرڻ ۽ باپرده عورتن جو بہ مُروَّج انداز ۾ مَردن ۾ اِختِلاط (گڏجي جمع ٿيڻ) انتِھائي اَفسوس ناڪ آھي ۽ بجلي جي چوري بہ ناجائز آھي، تنھنڪري ھن سلسلي ۾ بجلي فَراھم ڪرڻ واري اِداري سان رابِطو ڪري جائز ذَريعن سان چَراغان جي ترڪيب بڻايو. جُلوسِ ميلاد ۾ حتَّي الامڪان باوُضُو رھو، نَمازِ باجماعت جي پابندي جو خيال رکو.

شيخِ طريقت،اميرِاھلسنَّت، باني دعوتِ اسلامي حضرتِ علامہ مولانا ابُو بلال محمد الياس عطار قادري رَضوي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُھُمُ الْعَالِيہ **جَشنِ ميلاد** ملھائڻ جي باري ۾ پنھنجي مکتوب ۾ ڪجھ اَھم مدني گل عطا فرمايا آھن. اچو! اسان بہ مکتوبِ عطار توجہ سان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا:

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

سگِ مدينہ محمد الياس عطار قادري رضوي عُفِيَ عَنْهُ جي طرفان تمام عاشقانِ رسول اسلامي ڀائرن/ اسلامي ڀينرن جي خدمت ۾ **جشن ولادت** جي خوشي ۾ جھولنڌڙ ساون ساون جھنڊن ۽ جڳمڳ ڪندڙ بلبن ۽ ننڍڙين بتين کي چمندو جھومندو ماکي کان بہ مٺو مکي مدني سلام،

اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُه      اَلْحَمْدُ لِلّٰه رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ عَلٰى كُلِّ حَال-

تم بھی کرکے اُن کا چرچا اپنے دِل چمکاؤ
اُونچے میں اُونچا نبی کا جھنڈا گھر گھر میں لہراؤ

**چنڊ** واري رات جو ھنن لفظن ۾ ٽي ڀيرا مسجدن ۾ اعلان ڪرايو: ”تمام اسلامي ڀائرن ۽ ڀينرن کي مبارڪ ھجي جو ربيع النور شريف جو چنڊ نظر اچي ويو آھي.“

ربیعُ النُّور اُمیدوں کی دُنیا ساتھ لے آیا
دُعاؤں کی قَبولیّت کو ہاتھوں ہاتھ لے آیا

**مرد** جو ڏاڙھي ڪوڙائڻ يا ھڪ مٺ کان گھٽائڻ ٻئي حرام آھن، اسلامي ڀيڻ جو بي پردگي ڪرڻ حرام آھي. براءِ ڪرم ربيع النور شريف جي برڪت سان

اسلامي ڀائر هميشہ جي لاءِ هڪ مٺ ڏاڙهي ۽ اسلامي ڀينرون مستقل شرعي پردو ۽ وڏي خوش قسمتي جو مدني برقعو پائڻ جي نيت ڪن. (مرد جو ڏاڙهي ڪوڙائڻ يا هڪ مٺ کان گهٽائڻ ۽ عورت جو بي پردگي ڪرڻ حرام آهي ۽ فوراً توبہ ڪري انهن گناهن کان دور ٿي وڃڻ واجب آهي.)

جُھک گیا کعبہ سبھی بُت مُنہ کے بَل اَوندھے گرے
دَبدبہ آمد کا تھا، اَھلًاوَّ سَھلًامر حبا

سنتن ۽ نيڪين تي استقامت حاصل ڪرڻ جو عظيم مدني نسخو هي آهي تہ تمام عاشقانِ رسول اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون روزانو فڪر مدينہ ڪندي **مدني انعامات** جو رسالو ڀري هر مهيني جمع ڪرائڻ جي نيت ڪن، هٿ کڻي **چئو:** اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

بدلیاں رَحمت کی چھائیں بُوندیاں رَحمت کی آئیں
اب مرادیں دل کی پائیں آمدِ شاہِ عَرَب ہے

**تمام عاشقان رسول اسلامي ڀائر** نگرانن ۽ ذميدارن سميت **ربيع النور شريف** ۾ خصوصيت سان گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪن ۽ اسلامي ڀينرون ٣٠ ڏينهن تائين روزانو گهر جي اندر (فقط گهر وارن ۾) فيضانِ سنت جو درس جاري ڪن ۽ وري اڳتي بہ روزانو جاري رکڻ جي نيت ڪن.

لوٹنے رَحمتیں قافلے میں چلو
سیکھنے سُنّتیں قافلے میں چلو

پنهنجي مسجد، گهر، دڪان، ڪارخاني وغيره تي ١٢ **عدد** نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ

هڪ عدد سبز سبز جهندو **ربيع النور شريف** جي چنڊ رات کان وٺي سڄو مهينو لڳايو، بسن، ويگنن، ٽرڪن، ٽرالن، ٽيڪسين، رڪشن، ريڙهن، گهوڙي گاڏين وغيره تي ضرورتاً پنهنجي کيسي مان رقم ڀري جهنڊا خريد ڪري لڳايو، پنهنجي سائيڪلن، اسڪوٽر ۽ ڪار تي به لڳايو، ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ هر طرف سبز سبز جهنڊن جون بهارون مرڪندي نظر اينديون، عام طور تي ٽرڪن جي پنيان جاندارن جون وڏيون وڏيون تصويرون ۽ بي ڍنگا شعر لکيل هوندا آهن، منهنجي خواهش آهي ته ٽرڪن، بسن، ويگنن، رڪشن، ٽيڪسين، سوزوڪين، ۽ ڪارن وغيره جي پنيان وڏن لفظن ۾ هي لکيل هجي، **مون کي دعوتِ اسلامي سان پيار آهي** . بس جي مالڪن ۽ ٽرانسپورٽ وارن سان ملي ڪري مدني ترڪيبون ڪيو ۽ سگِ مدينه عفي عنه جي دل جون دعائون وٺو.

**ضروري احتياط:** جيڪڏهن جهنڊي تي نعلين پاڪ جو نقش پاڪ يا ڪا لکت هجي ته هن ڳالهه جو خيال رکو ته نه اهو ليڙون ليڙون ٿئي، نه ئي زمين تي اچي پئي ۽ جيئن ئي **ربيع النور شريف** جو مهينو موڪلائي وڃي ته فوراً لاهي ڇڏيو، جيڪڏهن احتياط نه ٿو ٿي سگهي ۽ بي ادبي ٿيڻ جو انديشو هجي ته بنا نقش ۽ بنا لکت جا سادا ساوا جهنڊا لڳايو. (سگِ مدينه عفي عنه به حتي الامڪان پنهنجي مڪانِ بي نشان بنام "**بيت الفنا**" تي سادا (يعني بغير ڪنهن نقش ۽ لکت جي) جهنڊا لڳائيندو آهي)

نبی کا جھنڈا لیکر نکلو دُنیا پر چھا جاؤ
نبی کا جھنڈا اَمن کا جھنڈا گھر گھر میں لہراؤ

پنهنجي گهر تي ١٢ جهالرن (يعني لڙهين) يا گهٽ ۾ گهٽ ١٢ بلبن سان ۽ پنهنجي مسجد ۽ محلي ۾ به ١٢ ڏينهن تائين خوب لائيٽنگ ڪيو (پر انهن

ڪمن لاءِ بجلي چوري ڪرڻ حرام آهي. تنھن ڪري ان سلسلي ۾ بجلي فراھم ڪندڙ اداري سان رابطو ڪري جائز ذريعن جي ترڪيب بڻايو) سچي علائقي کي سبز سبز جھنڊن ۽ رنگا رنگي بتين سان سينگاري ڪنوار بڻائي ڇڏيو. مسجد ۽ گھر جي ڇت ۽ چوڪ وغيره تي واٽھڙن ۽ سوارين کي تڪليف کان بچائيندي حقوق عامہ ضايع ڪرڻ کان بغير فضا ۾ لڙڪندڙ 12 ميٽر يا ضرورت مطابق سائيز جا وڏا جھنڊا لڳايو، وچ رستي تي جھنڊا نہ ھڻو جو ان سان ٽريفڪ جو نظام متاثر ٿيندو آھي، ۽ گھنٽيءَ وغيره ڪٽي بہ اھڙي سجاوٽ نہ ڪيو جنھن سان مسلمانن جو رستو سوڙھو ٿيڻ ۽ انھن جي حق تلفي ۽ دل آزاري جو سبب ٿئي.

مشرِق و مغرِب میں اک اک بامِ کعبہ پر بھی ایک
نَصب پرچم ہوگیا، اَھلًاوَّ سَھلًا مرحبا

ھر اسلامي ڀاءُ طاقت آھر وڌيڪ نہ تہ گھٽ ۾ گھٽ ٻارھن رپين جا مڪتبۃ المدينہ جا شايع ٿيل رسالا ۽ مدني گلن جا مختلف پمفليٽ ميلاد جي جلوس ۾ ورھائي ۽ اسلامي ڀينرون بہ تقسيم ڪرائن. اھڙي طرح سڄو سال اجتماعن ۾ **تقسيم رسائل** جو اھتمام فرمائي ڪري نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچايو. شادي غمي جي موقعن تي ۽ مرحومن جي ايصال ثواب جي خاطر بہ "**تقسيم رسائل**" ڪيو ۽ ٻين مسلمانن کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو .

بانٹ کر مَدَنی رسائل دین کو پھیلایئے
کرکے راضی حق کو حقدارِ جِناں بن جایئے

سگِ مدينہ جو لکيل پمفليٽ "**جشنِ ولادت جا١٢مدني گل**" ممڪن ھجي تہ ١١٢ نہ تہ گھٽ ۾ گھٽ ١٢ عدد ۽ ٿي سگھي تہ **رسالو "صبح بھاران"** ١٢ عدد

مڪتبةالمدينہ تان هديو ڏئي حاصل ڪري ورهايو، خصوصاً انهن تنظيمن جي سربراهن تائين پهچايو جيڪي **جشن ولادت** جون ڌومون مچائيندا آهن. **ربيع النور شريف** جي دوران ١٢٠٠ روپيا، جيڪڏهن هي نہ ٿي سگهي تہ ١١٢ روپيا ۽ اهي بہ نہ ٿي سگهي تہ ١٢ رپيا (بالغان) ڪنهن سني عالم کي پيش ڪريو، جيڪڏهن پنهنجي مسجد جي امام، مؤذن يا خادمن ۾ورهائي ڇڏيو تڏهن بہ نيڪ آهي، بلڪ هيءَ خدمت هر مهيني جاري رکڻ جي نيت ڪيو تہ مدينہ مدينہ. جُمُعي جي ڏينهن ڏيو تہ بهتر جو جُمعي تي هر نيڪي جو ثواب سَتَر پيرا وڌيڪ ملندو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ سنتن ڀريي بيان جي ڪيسٽ ٻڌي ڪري ڪيترن ئي ماڻهن جي اصلاح ٿي وڃڻ جا واقعا آهن. توهان مان بہ ڪي خوشنصيب اهڙا هوندا جيڪي بيان جي ڪيسٽ ٻڌي مدني ماحول سان وابستہ ٿيا هوندا، تنهنڪري اهڙيون ڪيسٽون ۽ VCDs ماڻهن تائين پهچائڻ دين جي عظيم خدمت ۽ گهڻي ثواب جو سبب آهي تہ جنهن کان ٿي سگهي هفتي ۾نہ تہ مهيني ۾ گهٽ ۾گهٽ١٢ آڊيو يا ويڊيو **ڪيسٽون** بيان جون ضرور فروخت ڪري، سرندي وارا اسلامي ڀائر جيڪڏهن مفت ورهائن تہ مدينہ مدينہ . **جشن ولادت** جي خوشيءَ ۾ بيان جون ڪيسٽون ۽ VCDs خوب ورهايو ۽ دين جي تبليغ ۾ حصو وٺو. شادين جي موقعي تي ڪارڊ سان گڏ **رسالو** ۽ ٿي سگهي تہ بيان جي ڪيسٽ يا VCDs بہ وجهي ڇڏيو. عيد ڪارڊن جي رواج کي ختم ڪري ان جي جڳهہ تي بہ اهو ئي رائج ڪيو تہ جيئن جيڪا رقم خرچ ٿئي ان سان دين جو بہ فائدو ٿئي. مون کي ماڻهو قيمتي ڪارڊ موڪليندا آهن ان سان دل خوش ٿيڻ بدران ڏکندي آهي. ڪاش! عيد ڪارڊ تي خرچ ٿيڻ واري رقم دين جي ڪمن ۾ خرچ ڪئي وڃي ها! ان تي لڳل افشان (يعني چمڪدار پائوڊر) سان ڏاڍي پريشاني ٿيندي آهي.

اُنکے در پے پلنے والا اپنا آپ جواب
کوئی غریب نواز تو کوئی داتا لگتا ہے

وڏي شهر ۾ هر علائقي مشاورت جا نگران (ڳوٺن وارا ڳوٺن ۾)١٢ ڏينهن تائين روزانو مختلف مسجدن ۾ عظيم الشان سنتن پريا اجتماعات منعقد ڪن (ذميدار اسلامي ڀينرون گهرن ۾اجتماعات فرمائن) **ربيع النورشريف** جي دوران ٿيڻ وارن تمام اجتماعن ۾ جن ڪان ٿي سگهي اهي سبز جهنڊا گڏ کڻي اچن.

لب پر نعتِ رسولِ اکرم ہاتھوں میں پرچم
دیوانہ سرکار کا کتنا پیارا لگتا ہے

**يارهين** جي شام نہ تہ ٻارهينءَ جي رات غسل ڪيو، ٿي سگهي تہ هن عيدن جي عيد جي تعظيم جي نيت سان اڇو لباس، عمامو، سربند، ٽوپي، مٿي تي اوڍڻ واري سفيد چادر پردي ۾ پردي لاءِ ناسي چادر، ڏنڊڻ، ڪيسي جو رومال، چپل، تسبيح، عطر جي شيشي، هٿ جي گهڙي، قلم، قافلو پيڊ وغيره پنهنجي استعمال جي هرشيءِ ممڪن هجي تہ نئي وٺو. **(اسلامي ڀينرون بہ پنهنجي ضرورت جون جيڪي شـيون ممڪن هجن اهي نيون وٺن)**

آئی نئی حکومت سکّہ نیا چلے گا
عالم نے رنگ بدلا صبحِ شبِ وِلادت

صَـلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ اسان مِيلاد شريف ملهائڻ وارن جي

حوالي سان مدني گل ڏيڻ جي سعادت حاصل ڪئي.

- ♣ جشنِ وِلادت ملهائڻ جي بَرَڪت سان خوش نصيب، ابراهيم نالي شخص جي نوجوان پٽ کي خواب ۾ جنّت جي اندر پنهنجي مرحوم پيءُ جو قُرب نصيب ٿيندو.
- ♣ شبِ وِلادت، شبِ قدر کان بہ افضل آهي.
- ♣ حضورِ انور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي تشريف آوري جي شڪريي جي لاءِ ذڪرِ ميلاد ڪرڻ، حلقو ٺاهي ويهڻ سُنَّتِ صحابہ آهي.
- ♣ جشنِ مِيلاد مُصطفي جون خوشيون ملهائڻ واري سان سرڪارِ دو عالَم، نورِ مجسم، شاهه آدم وبني آدم، رسولِ مُحتشم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم خوش ٿيندا آهن.
- ♣ جشنِ مِيلاد مُصطفي ملهائڻ جي بَرَڪت سان الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خوشنودي نصيب ٿيندي آهي.
- ♣ جشنِ مِيلاد مُصطفي ملهائڻ جي بَرَڪت سان گهر ۾ رحمتون ۽ برڪتون نازل ٿينديون آهن.
- ♣ جشنِ مِيلاد مُصطفي ملهائڻ جي برڪت سان سڄو سال امن ۽ امان رهندو آهي.
- ♣ جشنِ مِيلاد مُصطفي ملهائڻ جي برڪت سان رِزق ۾ برڪت ۽ ڪشادگي ٿيندي آهي۔ اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ شريعت جي دائري ۾ رهندي، عاشقانِ رسول سان ملي خوب ڌوم ڌام سان جشنِ وِلادت ملهائيندا سين.

| | |
|---|---|
| جب تلک یہ چاند تارے جِھلمِلاتے جائیں گے | تب تلک جشنِ وِلادت ہم مناتے جائیں گے |
| اُن کے عاشق نور کی شمعیں جلاتے جائیں گے | جبکہ حاسد دِل جلاتے سٹپٹاتے جائیں گے |
| حشر تک جشنِ وِلادت ہم مناتے جائیں گے | مرحبا کی دُھوم یارو! ہم مچاتے جائیں گے |
| ذِکرِ مِیلادِ مبارک کیسے چھوڑیں ہم بھلا | جن کا کھاتے ہیں اُنہیں کے گیت گاتے جائیں گے |

(وسائلِ بخشش مرمم، ص416)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

- ♣ جشنِ مِيلاد مُصطفيٰ ملهائڻ، جهنّم کان ڇوٽڪاري جو سبب بڻجندو.
- ♣ جشنِ مِيلاد مُصطفيٰ ملهائڻ، دنيا و آخرت ۾ تمام گهڻي ڀلائي ماڻڻ جو سبب بڻجندو.
- ♣ جشنِ مِيلاد مُصطفيٰ ملهائڻ، عزّت ۽ برڪت جو سبب بڻجندو.
- ♣ جشنِ مِيلاد مُصطفيٰ ملهائڻ، مشڪلات جي حل جو سبب بڻجندو.
- ♣ جشنِ مِيلاد مُصطفيٰ ملهائڻ، جنّت ۾ داخلي جو سبب بڻجندو.
- ♣ جشنِ مِيلاد مُصطفيٰ ملهائڻ، رحمتن جي نزول جو سبب بڻجندو.

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي خُوب عقيدت ۽ محبت سان جشنِ عِيد مِيلادالنبي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ملهائڻ جي سَعادَت عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

تری سُنّتوں پہ چل کر میری روح جب نکل کر چلے تم گلے لگانا مدنی مدینے والے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڳالھ ٻولھ ڪرڻ جا اهم مدني گل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو شيخِ طريقت، اميراهلسُنَّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي رسالي ”101 مَدَنِي گل“ مان ڳالھ ٻولھ جي حوالي سان ڪجھ اهم مدني گل ٻڌون ٿا:

◈ مسڪرائي ۽ خوش اخلاقيءَ سان ڳالھ ٻولھ ڪرڻ سنّت آهي. ◈ مسلمانن جي دلجوئي جي نيّت سان ننڍن سان شفقت وارو ۽ وڏن سان ادب وارو لهجو اختيار ڪيو. اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ثواب حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ ٻنهي وٽ توهان معزز رهندؤ. ◈ وڏي آواز سان ڳالھائڻ ۾ بي حد احتياط ڪيو ◈ ڪٽي هڪ ڏينهن جو ٻار هجي سنين سنين نيتن سان ان سان ٻہ اوهان توهان سان گفتگو ڪرڻ جي عادت ٻڌايو، اوهان جا اخلاق ٻہ اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ عمدا ٿيندا ۽ ٻار ٻہ ادب سکندو ◈ ڳالھ ٻولھ ڪرڻ وقت پردي جي جاءِ تي

[1]...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥

www.dawateislami.net

هٿ لڳائڻ، آڱرين سان بدن تان ميرُ لاهڻ، ٻين جي سامهون بار بار نڪ کي هٿ لڳائڻ، يا نڪ يا ڪن ۾ آڱر وجهڻ، ٿُڪ اڇلائڻ سٺي ڳالهه ناهي ◈ جيستائين ٻيو ڳالهائي رهيو هجي تہ اطمينان سان ٻُڌو، ان جي ڳالهه ڪٽڻ کان بچو ۽ دورانِ گفتگو ٺهڪ لڳائڻ کان بچو ڇوتہ ٺهڪ لڳائڻ سنت مان ثابت ناهي، ڳالهه ڪرڻ وقت هميشہ ياد رکو تہ وڏيڪ ڳالهيون ڪرڻ سان رعب ختم ٿي ويندو آهي. ◈ ڪنهن سان ڳالهه ٻولهه ڪجي تہ ان جو ڪو صحيح مقصد بہ هئڻ گهرجي ۽ هميشہ مخاطب جي ظرف ۽ ان جي نفسيات جي مطابق ڳالهه ڪئي وڃي بدزباني ۽ بي حيائي جي ڳالهين کان هر وقت پرهيز ڪريو، گارگند کان بچندا رهو ۽ ياد رکو تہ ڪنهن مسلمان کي بنا اجازتِ شرعي گار ڏيڻ حرامِ قطعي آهي. (فتاوي رضويه، ج 21 ص 127) ۽ بي حيائي جي ڳالهه ڪرڻ واري تي جنّت حرام آهي. تاجدار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ”اُن شخص تي جنت حرام آهي جيڪو فُحش گوئي (بي حيائي جي ڳالهه) کان ڪم وٺي ٿو.“

(كتابُ الصَّمْت مع موسوعةالامام ابن ابي الدنيا، ج٧ص٢٠٤ رقم ٣٢٥ المكتبة العصرية بيروت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مكتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں ۽ آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

عاشقانِ رسول، آئیں سنت کے پھول
دینے لینے چلیں، قافلے میں چلو

صَـلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَـمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65 )

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (القول البديع، الباب الثانی، ص277 )

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (القول البديع، الباب الاول، ص125 )

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي: جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ،

سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي) **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2] ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305